ڪوئي لاڳاپو ڪين هو. مونکي ائين محسوس ٿيو جڻ ديو توڪ ڪان اچي رهي آهي پيو پٽ تي ڪانہ اٿس, جڻ هڪ اپسرا ترندي مون تائين اچي پهتي هئي آهستي چيائين,
”توهانجو فون آيو هو, توهانکي گهر ڪوٺيو اٿن.“
مون واچ ڏٺي, ”اوهہ هيڏو وقت گذري ويو“ سورج جهومندي چيو, ”گذري نہ, اڏامي ويو ڇڏ دوست“ مون من ۾ ڏاڍيءَ بي ٽڪي ڳالهہ ڇئي وقت تہ سنيتا سان گڏ رهڻ مهل اڏامڻ کپي. روزيءَ سان گڏ رهندي تہ وقت اڏامڻ جو سوال ئي نہ ٿو اٿي, مون ڪجهہ شڪجندي پنهنجي اچڻ جو مقصد ياد ڪندي سورج کي چيو, ”هاڻي تنهنجو منهنيج گهر اچڻ جو وارو آهي ياپيءَ کي بہ وٺي اچ.“
سورج ڪوچ ت ويهي رهيو. ”ضرور ضرور“ ڇچئي اٿڻ جي ڪيائين, پر اٿي نہ سگهيو. ڊرائيور کي پرين سان گڏ ويندو ڏٺو هو مون. آخر سنيتائي پنهنجي ڪار ڪڍي, مونکي ڇڏڻ هلي.
سنيتا ڪار هلائي رهي هئي, مان ان ۾ سوار هيس. هڪ ڪن لاءِ ائين پئي لڳو ڳوٺ ۾ مان ڇٽا گهوڙي تي چڙهي سرڪاري باغ ڏي سير لاءِ پيا وڃيون ۽ گهوڙي جي واڳ سنيتا جي هٿ ۾ آهي مان فقط سندس پنيان وينو آهيان....
”واهہ زمانا“ منهنجي وات مان نڪري ويو.
”توهان ڪجهہ چيو؟“ سنيتا موٽر جي رفتار ڍني ڪئي.
”نہ... ڪا مطلبجي ڳالهہ ڪانہ هئي.“
سنيتا مرڪي هڪ نهار مون طرف اڇلائي ۽ وري سٽيئرنگ ويل ۾ ڌيان لڳائي رفتار تيز ڪري ڇڏيائين. ناريءَ جي هيءَ نهار, شفقتن سان ڀرپور تڏهن دل چيو جيڪي سورج سان نہ سلي سگهئين, سو اگر سنيتا کي ٻڌائي ڇڏين تہ شايد تنهنجي اجوڪي ڪاهہ سڦلي ٿئي..
من جهلي چيم ”توهين مونکي گهر ڇڏڻ هلو, اها چا... منهنجي خوش قسمتي ناهي “ هاڻي موٽر جي رفتار تمام ڍلي ڪري ڇڏي سنيتا, وري وري مون طرف ڏسندي چيائين,
”يلا اوچتوئي مان ”تن“ مان توهين“ ڪيئن بڻجي ويس؟... توهانجي قسمت سٺي آهي, ان ڳالهہ سان تہ مان سهمت آهيان.“
”مطلب؟“ مون تڪڙ ۾ پڇيو.
سنيتا کلڻ لڳي. ”مطلب“ تہ ائين ٿا پڇو, جڻ مون توهانجي ڪا چوري پڪڙي وري آهي.“
”تہ ڪو نہ پڪڙي اٿئي منهنجي چوڪري تڏهن؟“ مون پاڻ کي تناهہ ڪان آجو سمجهو ۽ ڪار

نلنيءَ جو هٿ چمي سندس ساري وجود تي نظر ورائي ڪيس وچڻ ڏنم. جوڌپور جي ننڍڙي گهر ۾ جڏهن رات رات جو مونکي شعر لکڻ جي موڊ هوندي هئي، تڏهن نلني اکيون پوري جاڳندي رهندي هئي، سندس هن لشڪام قربانيءَ اڳيان من جهڪي پيو. ان مهل جيڪو شعر منهنجي هٿ سان لکجي ويو، ان ۾ نلني ۽ سنيتا عجيب نمونيءَ سان نالو ڪموندني پيلئي اٿي ڪڙيون ٿيون.

سوريہ ڏارا انٽرنيسنل جو ڪم سچو مونکيءَ ئي سنڀالڻو هو پر پرين مين برانچ ۾ مهنو ڪن ڪم سکڻ تي لڳي ويو. آفيس کان موٽندي سورج هاڻ روزيءَ ۽ مونکي ساڻ ڪري، ڪڏهن پڪچر هائوس، ڪڏهن ڪنهن ڪلب وغيره ۾ هليو هلندو هو. تورنئي ڏينهن ۾ مان سمجهي ويس تہ سورج فقط سنيتا کي پاڻ کان پري رکڻ ۽ روزيءَ جي ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ رهڻ لاءِ هيءَ وريہ انٽرنيشنل کولڻ جو ٽڪساٽ ڪيو آهي. پر دوستيءَ جي وچ ۾ جا ناٽي جي ديوار ڪڙي هئي تہ دوست کي دڳہ ڪيئن ڏيکارجي. روزي تبس ناٽي جي لالچ سب ي سورج جو ساٿ ٿي ڏنو. هاڻ مونکي سنيتا لاءِ تمام گهڻو احساس ٿيڻ لڳو. پر سورجئي تہ منهنجو دوست هو. منئي من ۾ ڪيس ڏوراپا ڏيندو هوس تہ يار سچ ڇڏي وجي ڪوڙ تي پيو آهين.

هڪ ڏينهن تہ پڙ پڌرا ٿي پيا. سورج کي روزيءَ صاف صاف چئي ڏنو تہ تو منهنجو قدر نہ ڪيو آهي. مان ولائت ۾ نوڪريءَ لاءِ ٿي وڃان.

سورج اچي مونسان ڳالهہ ڪئي چئي ڏس پنهنجي حوبدي زال کان وڌيڪ گهمايانس ڦيرايانس پوءِ ہہ... . ..."

مونکي وجهہ ملي ويو سنيتا جو پاسو کڻڻ جو. مون چيو، "اهوئي تہ هنن خريد ڪيل مہانهين جو نخرو اهي. هنن جو پيٽ پرجڻ جوئي ناهي."

سورج چيو، "پرمبيوقوف چوي ٿي منهنجي ماءُ کي جاءِ وني ڏي. پچيس تنهنجي ماءُ منهنجي ڪير لڳي."

مون چيو، "دوست اهوبہ ڊارو اچلي ڏس." منهنجي من کي پڪ هئي تہ هيءَ عورت جاءِ ملڻ کان پوءِ سورج کي ڇڏي ويندي.

سورج روزيءَ کي جاءِ وني ڏني يا نہ، ان کان اڳئي مونکي سوريہ ڏارا انٽرنيشنل جي سنيتا واري برانچ ۾ وجڻو پيو.

سنيتا چيو، "مان تہ هتي بور ٿي پئي آهيان." مون چيو، "هتي تہ ڪم ايڏو هوندو، جوبور

مون ماٿ ڪٽي ڪئي.. ڪن رکي چيم، ”ڪجهه تون ٻه ڳالهاءِ.“
ٻئي هٿ هيٺ رکي ڏکو ساهه کڻي سنيتا چيو، ”توهانجي نلنيءَ جو اهو ويچلبلڪل ي سنئو آهي.. ها ساري استري جاتيءَ لاءِ سنئو آهي.. ليڪن حالتون هر استريءَ لا نياريون آهن. ڪن لاءِ اهو وقت اچي ٿو جڏهن پتي پتني هڪٻئي کان ڌار رهڻ لڳن ٿا. ساڳي ڇت هيٺيان رهنديٻه، هڪٻئي جي دک سک کي سمجهڻ لاءِ تير ناهن. اهڙي وقت عورت جي من ۾ اداسي ڇانئجو وڃي. سڀ سنساري خوشيون ڪيس رڃ جي درياهه جيان لڳن ٿيون. اهڙي وقت شايد ڪمئي سندس سهارو آهي.“
مان سنيتا جيٻرف جهڙي شفاف وجود طرف ڏسندو رهيس. اچانڪئي هن مورتيءَ جي مٿان ورتي ويئي منهنجي نلنيءَ جي صورت. نلنيءَ کي گهر جي ديک ڀال ۾ رڌڻي جي ڪم ڪار، سندس وجودئي ڪارڻ جو هلڪو تهه چاڙهي ڇڏيو آهي، پر اندر ۾ وهندڙ رڃ جو درياهه جي ڳالهه هن ڪڏهن ڪين ڇئي آهي.
ڪلي چيو سنيتا، ”پنهنجي نئين ڳولهي لڌل ناري ڪمود تي ڪٿا ناهڻ لڳي ويا ڇا...؟
مون جواب ڪين ڏنوٻس ان آڪار ڏيئي ڏسندو رهيس جنهن جي هر آنگ مان چلڪاٽ پئي نڪتو. جڻ پاڻيءَ مٿان سورج پئي چمڪيو.. پر اندر وهيو پئي رڃ جو درياهه..
ڪيتري دير سنيتا چپ ويٺي رهي. آخر جڻ ڪنهن غبار کي هٿ سان هٽائيندي چيائين،
”سامهون ڏسو، توهان جي ميز وٽ، ڪيڏا ماڻهو ڪنا ٿي ويا آهن.“
مون شيشي جي ڪئين مان، ٿورو پرتي رکيل پنهنجي ڪم ڪرڻ واريءَ ميز ڏي نهاريو. ٻرٻلٻر پيڙ ڪني ٿي ويئي هئي.
سنيتا سڏو منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو، ”توهين مانتا ڪروزٻرانچ مان هن آفيس جو ڪم سکي آيا. هاڻي مونکي سيڪاريو ته هيءَ پيڙ روز منهنجي ٽيبل وٽ اچي... مان ڪم ۾ رڌل رهڻ ٿي چاهيان..“
مان سندس اکڙين جي ماڻڪين اندران انهيءَ رڃ جي درياهه جو نظارو ڏسي رهيو هوس.
هڪ ڪوتا جو سرو من ۾ لهرائڻ لڳو ڪمود تون آهين جل جو پرم.“

